سُڏڪا سَپِئَي سوز جا، پنيءَ رات پَرن؛
آديسي اَرمانَ ۾، گهوماٽيا گُهمن؛
ڪِين رئَڻَ کُون اَن جيون، اکيون اوڪارن؛
”هرآن سِرى که با محبوب دارند، خبرنبود ڪرامًا ڪاتبين را“، سِر اهو سانين؛
هَيهات هَيهاتَ، اِها عادت اُداسن؛
پنهنجيءَ پَر ۾ پاڻَ کي، ٿا پَرتئون پَچائِن؛
نِهائِنءَ کُون نينهڙو سکيو ساميڙن؛
مَچ مَچايو مَنَ ۾، باقِ نه ٻهر وجهن؛
عاشقَ مَٿؤن آگ جي، اولارا ڏين؛
طالب جي ئي حَق جا، طَلَب نه ٻِئي چڏِن؛
عينان سندين اوجا ريون، اچن اوجاڳن؛
انئي ٻهرَ عجيبَ کي، ڪَنڌ اونڌي اورن؛
ڪا ساعت هَڏِ نه سنرا، اُنهين ري آهِن؛
ظاهِر سي ئي زبان سان، ٻيو تا ڪين ڪَهَن؛
مامن سان ماڻهن کي، سالڪ سمجهائن؛
صُمٌ بُکمٌ سڪوت ۾، اکيون ٻئي عامن؛
”عَينُها باڪيةٌ و قلوبُها ذاكِرٌ“، اهوذڪر چوَن؛
”عَينُهَا تَنامُ وَلاَ تَنام قُلوبُهَا“ دل طرف دوسَن؛
آئي آڏو عامَ جي، اکِين ڪا نه ڪَهَن؛
”اِنّ اَولِيائِى تَحتَ قَبائِى“، لائق لعل لِڪن؛

ڪَري ڏيکارين ڪيترو، عالمَ کي به عَجب.
نَفلَ نمازان وردَ وَظِيفا، اِهو ڪوڙ ڪَسَب.
دائرا دَعوتَ جا قِرِين، ڪَرين تَسخِيرات طَلب.
ٻاجهون عشقَ اللهَ جي، ”سچو“ ٿِئي نه سَبب.

## ڪافي 18

چَئُون ميان عشقا ڪِيئَن، تُون سَوين سيلَ بنائَين ٿو!
يا تُون آهِين ذاتِ ديوانو، جو ڪيڏا ناهَ نهائَين ٿو.

ڪاٿَين مُلا قاضِي تُون، ڪاٿَين سَيد سڏائين ٿو.
ڪاٿَين مُغ برهمڻ تون، ڪاٿَين ٻانگ ٻڌائين ٿو.
ڪاٿَين مُنهن ۾ محراب، ڪَاٿين تِلڪ لائَين ٿو.
ڪاٿَين تسبيحان تون سورين، ڪاٿَين جٽيان پائَين ٿو.
ڪاٿين پيرين آهِين پيادو، ڪاٿَين بور ٻَچائَين ٿو.
ڪاٿَين منبر واعِظي، ڪاٿَين پوٿيون پَٿائَين ٿو.
ڪاٿَين زربفت قبائون، ڪاٿَين لِيڙا لڙڪائين ٿو.
ڪاٿَين ڏيئي شرعي فتوىٰ، ڪاٿَين مَنصُور ماراَئين ٿو.
ڪاٿَين هنومان ڪونائين، ڪاٿَين ڏهيسر سڏائين ٿو.
ڪاٿَين ٿئين رام يا سيتا، ڪاٿَين لَڇمڻ لکائَين ٿو.
ڪاٿِين نمرود ابراهيم ٿي، ڪيئي ٻيڪ بنائين ٿو.

12

ويڙِ نڪري قافلو، آءُ مٿي راهه رهي؛
ٻاروچا ٻَهي، هِت ٿي ورهُ وسائيان.

13

ويڙِ نڪري قافلو، هاڻي ڪيئن ڪريان؟
ويني ڏک ڏريان، پرين ريءَ پرڏيهه ۾.

14

ويڙِ نڪري قافلو، ڏاڍو ڏيئي ڏُک؛
ويني ساريان سُک، جو هيڪَند هُيس هوت سان.

15

ويڙِ نڪري قافلو، ڪائي نه پيئي ڪَل؛
سيني اَندر سَل، اَٿم آريءَ جام جا.

16

ويڙِ نڪري قافلو، اَديون آڌيءَ رات؛
ٻاروچاڻي ذات، ڏسان شال اکين سان.

17

ويڙِ نڪري قافلو، ڪَل نه مون پيئي؛
حال سندم هيئي، مانَ ٻُڌي ٻاروچو وري.

18

ويڙِ نڪري قافلو، آءُ مٿي راهه رهياس؛

سا وري شهر ڀنڀور ۾، اچي سرد هواءِ؛
جانب تنهن جاءِ، سا جيءَ اُنهيءَ سان هلي.

22

هو جو ڪيچ وٽن مَٺُون، اِچي واءُ وِري؛
سو مونکي محبوبن جي، ڏئي خبر ڪِري؛
وجان تا مَ مَرِي، جان پا روچي مُنهُن ڏسان.

23

هو جو ڪيچ وٽن مَٺُون، وَريو اِچي واءُ؛
ما ريون تَنهن مٿاءُ، هِيءُ سِرُ ڪيان صدقي.

24

هو جو ڪيچ وَٽَن مَٺُون، واءُ نه آٽي واسُ؛
هِيءُ سِرُ سارو ساسُ، ڪوڙين قرباني ڪَريان.

25

هُو جا ڪيچ وٽن مَٺُون، ها ريون اَچي هيرَ؛
ٿئي صحت مَنجهه سَرِيرَ، ڏور وجن مون ڏکڙا.

26

هو جا ڪيچ وٽن مَٺُون، ها ريون هِير اَچي؛
تَنهن سان مَنُ مَچي، محبت ۾ محبوب جي.

27

هو جا ڪيچ وَٽن مَٺُون، اَچي هِيرَ هَلِي؛

پَل پَل پُڇَن حال مُنهنجڙو، ڳالهه انهيءَ جي تان ڳُولِي آهيان.
هيڏي هوڏي نہ وڃان، مُحبن جي آءٌ تان ٽولِي آهيان.
ڏِسُ ”سچوءَ“ ڏي سُپرين، نا تہ ڇِپَر هِت چولِي آهيان.

## ڪافي 20

اَديون اُهي اَڄ آيا، ڏِيهہُ جَنين لءِ ٿي ڏوريان!

ڏيو مبارڪ سرتيون مونکي، مولا سي مُحب مِلايا،
چرخو ڪيهو آءٌ چوريان؟
در پيهي سي، وو، آئيا، سائين اَلا، جَن لءِ مون وِرهَہ وسايا،
پارُ مَٿانئن گهوريان!
پَر ڏيهہِ ويا ها، وو، مون پرين، واليءَ سي پوءِ ورايا،
تَڪِ ڪيها پيا توريان؟
”سچو“ اتي، وو، دوستُ گَڏيوسي، ڏينهن گهڻا جَنهن لايا،
وندر ڪنهن لءِ ووڙيان.

## ڪافي 21

پينر ڙي ٻيوس، وڃي آءٌ پَئِيان!

وس نہ آهيان پانهنجي، واڪو ڪَيمُ ٻيوَس،
مين ديوانڙي ٿَيان.
لوڪُ سا روئي سرتيون، روحَ نہ اَچي رَس،

11 - جيڏيُن ڪَيَس ورا ِٽين جوڙي،

هُت ٿو روهُ رڙندا روڙي،

تَنهن جو تابُ نہ سگهندي توڙي،

آڏو مِير مَيائي موڙي،

رائو ريگَ ٿَرَن ڪوُن ٿوڙي،

سگهندينءَ پيرُ نہ ڪَر گَل ڪوڙي،

تون تان لعلُ لَهين ڪِيئَن ووڙي،

ڪَنهن جي ڪَامَ ڪَمر چَڏ چوڙي :

ٻيا ٿِي ماڳ مِرُون چوڌاري.

12- جيڏيون جَتُ منهنجو آهي جائَين،

آءُ تان وينديَس اَج تَنهن تائَين،

آهيان ٻانهي اُن جي آن ئَين،

پاڻون گهٽ پينر ٿِي پائَين،

آن کي پَلؤ ڳچيءَ ۾ پائين،

دَمُ دَمُ دُرس ڪريج دعائَين،

مون کي سَجڻ ميڙين سائَين،

ڪيچيڙن کي پَهچان ڪائَين :

ٻِرہ جِي ٻاھ ٻَهون ويا ٻاري.

هَي هَي لَعلَن ويو لوهاڻي :
هُئڙي جن جي هِيءَ اَجهاري.

28 - هَي هَي ماري عشق اَميران،
وڻي وِره وَڪيل وَزيران،
توڙڻ هِيئن لِکيون تقديران،
بانِهن هٿ ٿيون تقصيران،
ڏاڍيون عشق سنديون تڙ پيڙان،
پُنهِيءَ منهنجي بِره بَهيران،
هَلَن هُت نَڪي تدبيران،
مون سان سندين سوز سفيران :
ورتُئي ورهُ ڪنهين وَڏجاري.

29 - اَول باڀين بره پَڙهيائين،
تنهن پوءِ سورن منڊ سَڙيائين،
سَسئي سانڍُ فِراق ڦَڙيائين،
اَصلوُن ڪيچن سانڍ ڪَڙيائين،
جَڙان جيءَ ۾ جال جَڙيائين،
تيلهان مٿي روهَ رَڙيائين،
محبت منجهه مريض مَڙهيائين،

هُئا حال جنين جا هِھڙا، تَن تي پلي ڪيا پاڳ؛
ڪينجھُر ٻن ڪنڌين جي، ٿي هٿ اُنهن جي واڳَ؛
هِيرا ۽ ياقوت ٻيا، اَڄ اُنهن وٽ اَجهاڳَ؛
ٻيا پِي لَکين لاڳَ، تنهن ڏُلِن کي ڏيئي ڇڏيا.

8

بيحد ٻگوڙيون، هُين ڏولِ نہ ڪنهن ڏونڌيون؛
نا پي ڏُٿ آئون ڏُپَ جون، ڪن خرا رين کوڙيون؛
ٻُوريءَ ڦرها ڦَريون، اڇن ملاحيون موڙيون؛
جوڙيون سپ جوڙيون، ڄامَ ٺماچيءَ تن جون.

9

ڏولِ نہ ڪنهن ڏونڌيون، پَر هُيون سَمي جي سهاڳَ تي؛
ڪينجهر سنديءَ ڪنڌئين، ڪَنَ ٿوريون آئون ٿونڌيون؛
چِڪَ جيهون چونڊيون، ٿو ڄام وها ري وَٽِ ۾.

10

هُيون لَڳين ليڙيون، مُنهن نہ موچا ريون؛
سي ٿو ڄام وها ري وَٽِ ۾، ڪري ملاحن ميڙيون؛
ٿو ٻگيون جوڙائي ڏئي، ٻَهڳڙ تَن ٻيڙيون؛
وٺن ماٺِڪ موتئين، تنهن ڪَوَن جهَبيون ۽ جهيڙيون؛
توڙي اِهڙيون اَويڙيون، تہ پي سَمي ڄام سُهائيون.

11

جَن ناپا لوڙھ ڪَلور ٻيا ، ٿي ڦَڪيائون ڦوٽَ؛
سي اِج ڪِيا وَتَن خمارَ ۾، اَنئي پَھرَ اَلوٽَ؛
ڪِينجھُر ٻِن ڪنڌُن ۾، ٿيا لانگوٽيا ، لَڪ لوٽَ؛
پينگھن آئون سُڪ آسڻَن، ڪَن جَھپيرا جھُوٽَ؛
هِڪُ ڪُلهين ڪونئر سئيل ڪَن، ٻيا منهن لائَن منهن سُوٽَ؛
چِچيءَ هاڻ چوٽَ، ڪيون مَرد مِياڻيون.

7

جن ٿي ڦَڪيا ڦُٽَ، ٿيا ڪُلين قيمَن هيروان؛
اَج تَن ڏُشالا سِرَ تي، ٻيون شالون ٻنڌَن ٻُٽَ؛
زمرد آئون ياقوت جِي، ٿي لَعلين هيرين لُٽَ؛
سَمي سپ معافِي ڪئي، تَن ساڻِن تان سَٽ ڪُٽَ؛
لَٿا ڏِيل اُنهن تون، ٻي ڪُلِي ٿِين چرَ چُٽَ؛
عيبَ ڏِسِي عامَن جا ، ڪيائين ڪان اُپَٽَ؛
اُنهن جامُ اُڪُٽَ، موتي ماڻِڪ ٿو ڏئي.

8

هيٺ مٿي پوتِي، ماڳين مهاڻِن ڪِي؛
پاڻيءَ پوندي تَن هُئي، چِڪَ جيهِي چوتِي؛
اِج گاندِرِ سِر گلابَ جي، ٻي عطر عنبر اوتِي؛
مُنهن لَڳُس موتِي، تان جهولِي ٿِي جواهِرَ ۾.

9

پينر ڪان بَرساتِ، اڪين اوتڻ سکيو.

24

هِڪ وسَڻ ٻيو وڃَڻ، ٽيون لَهي پيو سيءُ؛
جهوري وڌئين جهوپيون، چَن وڏائين ڇيءُ؛
رنُن جو رڻن ۾، واهَ وسيلو ٿيءُ؛
حال جنين جو هيءُ، تَن پَرور رک پناهَ ۾!

25

اَول آنڌي آئي، پويان جهُڙ جهَجهو؛
نڪو اولو آسرو، نڪو اوٺ اَجهو؛
ڏهيلين ڏجهو، تَن پرور رک پناهَ ۾!

26

اَول آنڌي آئي، پويان ٿي برساتِ؛
رعد جي رڙين ۾، پيٺي نه هُئي ٻاتِ؛
ويچارين ورن جي، وائي هُيَڙي واتِ؛
مٿان وسَڻ هينان ڇِڪڻ، سيءَ مُيون سڀ رات؛
پرهه ڦٽي پِرياتِ، ڪڻڪان ڪاندين ڳَڏيون.

27

اَڄ پورب پا ر ڏي، ڪَڪَرن ڪيا ڪوڙَ؛
صبح ويل سويَل جو، سا رنگ لاتي سوڙَ؛
وڄن واڄا واهه ڪيا، مينگهه ٻَڌا اَڄ موڙ؛

## ڪافي

آءُ اسانجڙي ديري،
توکي گھڻو سا ريان ٿي.
نا تہ مُحب مَران ٿي.

تون تا ميڏا، مين تا تيڏي، کهِہ گهتان سب ڪيڙي،
هِت گهُنگهَر گھا ريان ٿي.
اگڻ ساڏي آءُ پيا رلَ، لهِہ پوَن سپ جهيڙي،
تولئہ هَنجُون ھا ريان ٿي.

جو ڪَهڻ سان ڪُهيو وڃي، ويڙهي منجھ وِتيون؛
سنديون راز رتيون، ٿو پُڻ ڪري پڌريون.

10

رويو رويو رتُ، ٿِي پکيءَ پارانيا ڏئِي؛
نه 'پيرين وجهانءَ ڳِهنگهرو، سي چمڪائيندو وتُ؛
'ڪيئن ونِي خطُ، سِگهڙو ساٿيڙا ورين!'

11

جو ٿو ڪانگ چوي، سو سُٽيجو سَرتيون!
وڏيءَ ويل صبحَ جو، ٿو چڙهيو لامَ لَوي؛
اُلڪي مِ نه آهي، آتڻ ڪَٽون اِتهون.

12

ڏاهو چڙهِي ڏار تي، ٿو ڏئي ڏوراپا؛
پڌرا ڪري نه پرينءَ جا، اهو نازڪ نياپا؛
آٽيو اوراپا، ڳالهيون ڳوريءَ ڪي چوي.

13

تِرُ نه هِڪ توڙي، اَجُ لامين لَڪِيٽو لَئي؛
ونو آهه وڳوڙجِي، ڪنين ڪي ڪوڙي؛
ڳالھ ڪرڻ ڪان ڪاڪيون، مُنهن گهٽو موڙي؛
پَر پنهنجا توڙي، چڪيون ڏئي ٿو چهنب سان.

14

ڪارون ڪِيئن نہ ڪريانس، جو ٿو ڏئي سَنيها سَڄڻان؛
پُٺي پَرَ پَکيءَ جاءِ ساڻ جواهِرَ جَڙيانس؛
موتين ۽ لَعلن سان، پينر ڪنپ پريانس؛
پيرين دست ڏريانس، جو آه نياپا ڏيندڙ نِيهَن جا.

3

پَکِي سوئي پَرَ، ٿو اُڏري پار پرينءَ جي؛
خوشيءَ جِي بہ خَبَرَ، مانَ وني اچي ڪا اُوڏهون.

4

چڙهيو لامَ لَنئي، اَچ ٿو ڪانگل قريبَ جو؛
سنِيها سَڄڻان، سي چهنب ساڻ چَئي؛
پورن منجهہ پَئي، ٿو ساهُ منهنجو سَرتيون.

5

چڙهيو لنئي لاَمَ، ٿو ٻوليون ٻاجها ريون ڪري؛
ڏئي سَنيها سَڄَڻان، ٿُريو مَتي تامَ؛
ما ريون ماري مامَ، جا ٿو ڏئي لِڪائي لوڪَ کَون.

6

پِريان جا پيغامَ، ٿو ڏئي مِڙئي مامَ ۾؛
سَوين مُنجَن سَلامَ، جو ڏاهو ڏاهَپ سان ڏئي.

7

چِپيو رهي چانپين، ٿو ڏئي سنيها سَڄَڻان؛

مون کي ڪيچ وٽن مِ، نيئي پانڌيڙا پھچاءِ.

ساٿِي سُپرين سان، هِيءَ گداگر گڏاءِ.

”سَچُو“ سَڄڻ کي ميان، پاند ڳچيءَ مِ پاءِ.

## ڪافي 122[3]

ڙي جيڏيون، هاٿي گھوريو، هوتن رِيءَ سارو شهر ڀنڀور!

لائيندا وو لطف سان، هِن ڏکيءَ کي ڏور.

هَيءِ هالاڻي اُن جي، شعُلي وڏڙو شور.

مِنت نہ منهنجيءَ موٽيا، زاري نہ آهي زور.

دَرَسَن ساڻ دفع ٿيو، سندو هِنيڙي هور.

”سچو“ سندن راهَ تي، هِڪَ جفا پيو جور.

## ڪافي 123

حال معلوم توکي هِي ئي، آءُ تا وِس نہ وڻياس!

پرين تنهنجي پار ڏي، قاصد مُنجان ڪيئي-

ايڏانهن منهن ڪيو ٻيڻِياس.

ڇڏي وڃ نہ ڇپرين، مُنج دلاسا ڪي ڏيئي-

تنهنجي محبت ماريَاس.

چئي ٻڌايان سرتين، هن سباجها سي ئي-

---

[3] هيءَ ڪافي 122، سر سسئي جي داستان نائين ۾ ڪافي 8 طور بہ شامل آهي.

